SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# 2011 جو سنڌ ايڪٽ نمبر IV

# SINDH ACT NO.IV OF 2011

# سنڌ ڊسپوزايبل سرنجز جو انتظام ۽ ضابطو ايڪٽ، 2010

# THE SINDH REGULATION AND CONTROL OF DISPOSABLE SURINGES ACT, 2010

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. پابندي
Restriction

4. ڪمپني طرفان ڏوهه
Offence by Company

5. ڏنڊ
Penalty

6. ڏوهه سزا لائق ۽ ٻڌڻ جوڳو هوندو
Offence to be punishable and triable

7. ڏوهه جي سزا
Cognizance of offence

8. ٻين قانونن کي ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ

Act to over_ride other laws

9. هن ايڪٽ تحت کنيل قدم جو تحفظ

Protection of action taken under this Act

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# 2011 جو سنڌ ايڪٽ نمبر IV
# SINDH ACT NO.IV OF 2011
# سنڌ ڊسپوز ايبل سرنجز جو انتظام ۽ ضابطو ايڪٽ، 2010
# THE SINDH REGULATION AND CONTROL OF DISPOSABLE SURINGES ACT, 2010

[24 فيبروري 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڊسپوز ايبل سرنجز جي استعمال جو انتظام ۽ ضابطو فراهم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڊسپوز ايبل سرنجز جي استعمال ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ جڙيل معاملن جو انتظام ۽ ضابطو فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڊسپوز ايبل سرنجز جو انتظام ۽ ضابطو ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون يا مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "ڊسپوز ايبل سرنجز" مطلب آٽو لاڪ، آٽو ڊسٽرڪٽ يا آٽو بريڪ سرنجز جيڪي پاڻمرادو ضايع، لاڪ يا ٽوڙيون وڃن ۽ ٻيو دفعو استعمال نہ ڪيو وڃن؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "شخص" جنهن ۾ شامل آهن فارماسسٽ، فيڪٽري مالڪ ۽ ڊسپوز ايبل سرنجز جي جوڙجڪ، وڪرو يا استعمال سان جڙيل ٻيو ڪو شخص؛

(d) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛ ۽

(f) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

پابندي
Restriction

3. ڪو بہ شخص آٽو لاڪ، آٽو ڊسٽرڪٽ يا آٽو بريڪ ڪانسواءِ انجيڪشن لاءِ ڊسپوز ايبل سرنج رت ڪيڍڻ يا ٻين مقصدن لاءِ نہ جوڙيندو، وڪرو ڪندو يا استعمال ڪندو.

ڪمپني طرفان ڏوهہ
Offence by Company

4. ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪو شخص، ڪمپني آهي تہ هر ڊائريڪٽر، مئنيجر، سيڪريٽري يا ٻيو عملدار يا ايجنٽ ان سلسلي ۾، جيستائين ثابت نہ ڪري تہ ڀڃڪڙي ان جي ڄاڻ ڪانسواءِ ٿي آهي ۽ هن اهڙي ڀڃڪڙي کان بچاءَ لاءِ قدم کنيا آهن، تيستائين اهو اهڙي ڀڃڪڙيءَ لاءِ ڏوهي سمجهيو ويندو.

ڏنڊ
Penalty

5. ڪو شخص جيڪو دفعہ 3 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنج سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ:

بشرطيڪ جيڪڏهن هن دفعہ تحت سزا لائق ڏوهہ ۾ الزام هيٺ آهي اهڙي ڏوهہ لاءِ ٻيهر الزام هيٺ اچي ٿو تہ قيد جو مدو ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿو ۽ ڏنڊ جي رقم هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿي يا ٻئي گڏ.

| | |
|---|---|
| 6. جيستائين ڪجھ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڪو بہ ڏوهہ جڊيشل مئجسٽريٽ طرفان ضمانت جوڳو ۽ جاڙايل ڪوڊ جي گنجائشن تحت ٻڌڻي لائق نہ هوندو. | ڏوهہ سزا لائق ۽ ٻڌڻي جوڳو هوندو<br>Offence to be punishable and triable |
| 7. ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهہ تي قدم نہ کڻندي سواءِ ان جي جيستائين سيڪريٽري صحت يا ان سلسلي ۾ سندس طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن ٻئي عملدار طرفان بيان ڪيل طريقي موجب لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي. | ڏوهہ جي سزا<br>Cognizance of offence |
| 8. هي ايڪٽ تيستائين موثر هوندو جيستائين ڪجھ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي. | ٻين قانونن کي ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ<br>Act to over_ride other laws |
| 9. ڪو ڪيس، مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي ڪنهن شخص خلاف نہ ٿيندي جنهن هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪجھ ڪيو هجي يا ڪرڻ چاهيندو هجي. | هن ايڪٽ تحت کنيل قدم جو تحفظ<br>Protection of action taken under this Act |
| 10. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**